ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3(s5), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

شبِ برات متعلق مختلف حديثن جي تحقيق

Research on Different Hadiths Regarding Shab-e-Barat (The Night of Mid-Sha'ban)

ڈاکٹر رحمت اللہ احسن
Dr. Rahmatullah Ahsan
rahmatullahahsan44@gmail.com

Corresponding Author: Dr.Rahmatullah Ahsan rahmatullahahsan44@gmail.com

Received: 01-02-2026 **Revised:** 14-02-2026 **Accepted:** 03-03-2026 **Published:** 20-03-2026

ABSTRACT

Islam is a complete and perfect religion that provides solutions to all aspects and problems of human life. It is a natural faith that offers comprehensive guidance for mankind. More than fourteen centuries ago, Allah Almighty declared the perfection of this religion in the Holy Qur'an:

> "Today I have perfected for you your religion, completed My favor upon you, and have chosen Islam for you as your religion."

The Messenger of Allah ﷺ said:

> "Whoever introduces into this religion of ours something that is not part of it, it will be rejected."

The religion sent by Allah Almighty was fully practiced and demonstrated by the Messenger of Allah ﷺ himself. The noble Companions also acted upon it and conveyed its teachings to the people exactly as instructed by the Prophet ﷺ. True Islam and religion are only that which the Messenger of Allah ﷺ practiced and approved. Apart from this, whatever is introduced into our society in the name of religion is neither true religion nor an act of righteousness.

Allah Almighty says:

> "Whatever the Messenger gives you, take it; and whatever he forbids you from, refrain from it. And fear Allah; indeed, Allah is severe in punishment."

In our society, there are many practices that people perform considering them to be acts of religion and worship. Likewise, there are certain days and nights that are regarded as highly significant and virtuous. However, when we examine these practices and occasions in the life of the Messenger of Allah ﷺ, we find neither evidence for these specific days in his Sunnah nor support for many of the practices that people today regard as sources of reward and virtue, performing them enthusiastically and encouraging others to do the same.

One such occasion is the fifteenth night of Sha'ban, which is widely regarded among us as a night of great virtue and importance. Many scholars and religious speakers mention numerous virtues associated with this night. In support of its significance, they often cite verses from the Holy Qur'an and narrations from the Prophet ﷺ. The verses commonly presented from the Qur'an are verses 3 and 4 of Surah Ad-Dukhan. Allah Almighty says:

> "Indeed, We revealed this Qur'an during a blessed night. Surely, We have always been warning mankind. In that night, every matter of wisdom is decreed."

Some people interpret the "blessed night" mentioned in these verses as the fifteenth night of Sha'ban (Shab-e-Barat). They claim that this is the night in which Allah Almighty determines the destinies of human beings.

However, the Holy Qur'an itself clarifies that it was revealed during Laylat al-Qadr in the month of Ramadan. Therefore, the "blessed night" referred to in these verses is Laylat al-Qadr. Allah Almighty says:

> "Indeed, We revealed it during the Night of Decree."

Laylat al-Qadr occurs during the last ten nights of Ramadan, specifically on the odd-numbered nights. It is called the Night of Decree because matters concerning the coming year are decreed during this night. There is no verse in the Holy Qur'an that specifically mentions the virtue or significance of Shab-e-Barat.

Keywords: *Islam, Shab-e-Barat, Fifteenth Night of Sha'ban, Laylat al-Qadr, Bid'ah in Islam*

اسلام ڪامل ۽ مڪمل دين آهي جنهن ۾ انساني زندگي جي تمام مسئلن جو حل موجود آهي ۽ مڪمل رهنمائي ڪندڙ فطري دين آهي. اڄ ڪا ساڀا ڇوڏنهن سئو سال اڳ هن جي مڪمل هجڻ جو اعلان الله تعالى قرآن ڪريم ۾ ڪري ڇڏيو ته: **اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا.**(1) اڄ توهان جي لاءِ توهان جو دين مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ توهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ڇڏي ۽ توهان جي لاءِ اسلام کي دين جي حيثيت سان پسند ڪيو. "

حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته:" **رسول الله ﷺجن فرمايو:"عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ أَحْدَثَ فِي أَمْرِنَا هَذَا مَا لَيْسَ مِنْهُ فَهُوَ رَدٌّ". (2)**جنهن به اسان جي دين ۾ نئون عمل ايجاد ڪيو جيڪو دين جو حصو نه آهي ته اهو مردود آهي." الله تعالى جي طرفان جيڪو دين موڪليو ويو رسول اللهﷺجن ان تي عمل ڪري ڏيکاريو ۽ اصحابي سڳورا پاڻ به عمل ڪندا رهيا ۽ رسول اللهﷺجي تعليم مطابق ماڻهن کي تعليم ڏيندا رهيا. اسلام ۾ دين اهو ئي آهي جنهن تي رسول الله ﷺ جن پاڻ عمل ڪيو، ان کان سواءِ جيڪو ڪجهه اسان جي معاشري ۾ دين جي نالي تي ڪيو وڃي ٿو. اهو نه دين آهي نه ئي نيڪي. ڇاڪاڻ ته الله تعالى قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو آهي ته:" **وَمَا آتَاكُمُ الرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَهَاكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوا وَاتَّقُوا اللَّهَ إِنَّ اللَّهَ شَدِيدُ الْعِقَابِ.**(3) ۽ جيڪو ڪجهه رسول ﷺ توهان کي ڏي ان کي ونو ۽ جنهن کان توهان کي روڪي ان کي ڇڏي ڏيو ۽ الله کان ڊجو بيشڪ الله تعالى سخت سزا ڏيڻ وارو آهي."

اسان جي معاشري ۾ اهڙا ڪيترائي عمل آهن جن کي اسان دين ۽ عبادت سمجهي ڪيون ٿا. ڪيئي اهڙا ڏينهن آهن جن جي اسان جي نظر ۾ تمام گهڻي اهميت ۽ فضيلت آهي، پر جڏهن اسان انهن عملن ۽ ڏينهن کي رسول اللهﷺجن جي زندگي ۾ ڳوليون ٿا ته نه اهي ڏينهن رسول الله ﷺ جن جي سنت مان ملن ٿا نه ئي عمل مان جن کي اڄ اسان نيڪي ۽ ثواب سمجهي وڏي شوق ۽ رغبت سان ڪيون ٿا ۽ انهن جو تاڪيد بين ماڻهن کي به ڪندا آهيون. اهڙن ڏينهن مان هڪ پندرنهن شعبان جو ڏينهن به آهي جنهن جي اسان وٽ وڏي فضيلت ۽ اهميت آهي. عالم ۽ مفتي حضرات هن ڏينهن جي تمام گهڻي فضيلت بيان ڪندا آهن هن جي فضيلت ۾ قرآن مجيد جا دليل ۽ رسول اللهﷺجن جون حديثون پيش ڪندا آهن. قرآن مجيد مان جيڪو دليل پيش ڪيو ويندو آهي اهو سوره الدخان جي آيت نمبر 03 ۽ 04 آهي جنهن مان پندرنهن شعبان جي فضيلت بيان ڪئي ويندي آهي. الله تعالى جو ارشاد آهي ته :" **إِنَّا أَنْزَلْنَاهُ فِي لَيْلَةٍ مُبَارَكَةٍ ۚ إِنَّا كُنَّا مُنْذِرِينَ فِيهَا يُفْرَقُ كُلُّ أَمْرٍ حَكِيمٍ.(4)**

بيشڪ اسان هن قرآن کي برڪت واري رات ۾ نازل ڪيو، بيشڪ اسان ڊيڄارينڊڙ هئاسين. ان رات ۾ هر حڪمت وارو فيصلو ڪيو ويندو آهي."(الدخان آيت4،3)ڪجهه واعظي مولوي هن آيت **إِنَّا أَنْزَلْنَاهُ فِي لَيْلَةٍ مُبَارَكَةٍ ۚ"** مان مراد شعبان جي پندرنهين رات شب برات وٺن ٿا ۽ چون ٿا ته برڪت واري رات اها شب برات آهي ۽ چون ٿا ته هن رات ۾ الله تعالى انسانن جي تقدير جو فيصلو ڪندو آهي. جڏهن ته قرآن مجيد کي الله تعالى رمضان شريف جي ليلة القدر ۾ نازل فرمايو آهي ليلة مبارڪ ليلة القدر ئي آهي. الله تعالى جو ارشاد آهي ته **إِنَّا أَنْزَلْنَاهُ فِي لَيْلَةِ القدر (5)"** انسان هن قرآن کي قدر واري رات ۾ نازل ڪيو آهي." اها ليلة القدر جي رات رمضان شريف جي آخري يعني ٽئين ڏهاڪي جي طاق راتين ۾ آهي. ليلة القدر کي ليلة القدر ان ڪري ڪوٺيو ويو آهي جو هن رات ۾ الله تعالى انسانن جي آئنده سال جو فيصلو ڪندو آهي. شب برات جي اهميت ۽ فضيلت ۾ ڪابه قرآن جي آيت ڪانه آهي.

شعبان جي متعلق مختلف صحيح حديثون:

شعبان جي مهيني متعلق صحيح حديثون جن مان هن مهيني جي فضيلت ۽ اهميت ظاهر ٿئي ٿي. امام بخاري**رحمة الله** حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ته:"**عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا قَالَتْ: «كَانَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَصُومُ حَتَّى نَقُولَ: لَا يُفْطِرُ، وَيُفْطِرُ حَتَّى نَقُولَ: لَا يَصُومُ، وَمَا رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ اسْتَكْمَلَ صِيَامَ شَهْرٍ إِلَّا رَمَضَانَ، وَمَا رَأَيْهُ أَكْثَرَ صِيَامًا مِنْهُ**

فِي شَعْبَانَ."(6)

" رسول اللهﷺجن روزا رکندا هئا ايستائين جو اسان چوندا هئاسين پاڻ روزا نه ڇڏيندا، ۽ پاڻ سگهورا روزا نه رکندا هئا. اسان چوندا هئاسين ته پاڻ هاڻي روزا نه رکندا.مان رسول اللهﷺ جن کي رمضان کان سواءِ ڪنهن ٻئي مهيني جا روزا پورا ڪندي ڪونه ڏٺو، مان پاڻ سگهورن کي شعبان کان وڌيڪ روزا رکندي نه ڏٺو." هن حديث مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته پاڻ سگهوراﷺ رمضان کان بعد جنهن ٻئي مهيني ۾ ڪثرت سان روزا رکندا هئا. اهو شعبان جو مهينو آهي ۽ شعبان جي مهيني ۾ ٻين مهينن جي ويڙ ۾ تمام گهڻا روزا رکندا هئا.

هن ساڳي مفهوم جون چار ٻيون حديثون امام بخاري **رحمة الله** حضرت عبدالله بن عباسرضي الله کان هڪ روايت ۽ حضرت انسرضي الله کان ٻه روايتون ۽ حضرت عائشه رضي الله عنها کان هڪ ٻي روايت آندي آهي. هنن سڀني روايتن جو مفهوم ساڳيو ئي آهي، جيڪا حديث حضرت عائشه رضي عنها کان نقل ڪئي وئي آهي. اهي سڀ صحيح روايتون آهن انهن سڀني روايتن مان هن مهيني ۾ ٻين مهينن جي ويڙ ۾ گهڻا روزا رکندا هئا. ساڳي مفهوم جون ڪجهه حديثون امام نسائي سنن النسائيءَ ۾ به آنديون آهن جن مان شعبان جي مهيني ۾ ڪثرت سان روزا رکڻ جو دليل ملي ٿو. اهڙي طرح امام ترمذي جامع الترمذي ۾ ، امام ابن ماجه سنن ابن ماجه ۾ حضرت عائشه جون ساڳيون روايتون نقل ڪيون آهن.

امام ابو دائود سنن ابي دائود ۾ حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي: **عَنْ عَائِشَةَ زَوْجِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، أَنَّهَا قَالَتْ: كَانَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ" يَصُومُ حَتَّى نَقُولَ لَا يُفْطِرُ وَيُفْطِرُ حَتَّى نَقُولَ لَا يَصُومُ. وَمَا رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اسْتَكْمَلَ صِيَامَ شَهْرٍ قَطُّ إِلَّا رَمَضَانَ. وَمَا رَأَيْتُهُ فِي شَهْرٍ أَكْثَرَ صِيَامًا مِنْهُ فِي شَعْبَانَ".** (7)حضرت عائشه رضي الله عنها فرمائن ٿيون ته: رسول الله ﷺجن روزا رکڻ شروع ڪندا هئا ته اسان سمجهندا هئاسين ته پاڻ سگهورا هاڻي روزا نه ڇڏيندا ۽ جڏهن روزا رکڻ ڇڏيندا هئا ته اسان سمجهندا هئاسين ته هاڻي پاڻ سگهورا ﷺروزا نه رکندا. مون ڪڏهن نه ڏٺو ته رسول اللهﷺجن رمضان کان سواءِ ڪنهن ٻئي مهيني جا پورا روزا رکيا هجن ۽ پاڻ شعبان کان علاوه ڪنهن ٻئي مهيني جا گهڻا روزا نه رکندا هئا.

مٿي ذڪر ڪيل سڀني دليلن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته رسول الله ﷺجن شعبان جي مهيني ۾ گهڻي کان گهڻا روزا رکندا هئا، ٻين مهينن جي ويڙ ۾ فرض روزن کان علاوه شعبان جي پندرنهين رات جي فضيلت ۽ اهميت هنن روايتن مان ثابت نٿي ٿئي. شب برات جي رات جو جاڳڻ ۽ روزو رکڻ ۽ قبرستان وڃڻ جون سڀ جون سڀ روايتون موضوع ۽ ضعيف آهن صحيح راويت ڪابه نه آهي. ڪجهه عالمن جو خيال آهي ته ضعيف روايتون جيڪڏهن گهڻيون هجن ته فضائل ۾ انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي. اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن ڪنهن عمل بابت ڪا صحيح روايت هجي ته ضعيف روايتن مان به استدلال وٺي سگهجي ٿو، پر هتي شعبان جي پندرنهين رات بابت ڪابه صحيح روايت نه آهي جيڪي روايتون ملن ٿيون تن سڀني روايتن تي سخت ڪلام آهي. انهن روايتن جا راوي اهڙا نه آهن جو انهن جي روايتن کي دليل بڻائي عمل ڪجي.

پندرنهن شعبان بابت ضعيف ۽ موضوع روايتون:

شب برات متعلق جيڪي به روايتون آهن انهن جي اڪثريت ضعيف ۽ موضوع روايتن تي ٻڌل آهي. انهن مان هر هڪ روايت جي سَنَدَ ۽ روايت جي تحقيق پيش ڪئي ويندي .

(1): شب برات متعلق هڪ روايت جيڪا حضرت علي‌رضي اللهڪان روايت ڪئي وئي آهي جنهن کي امام ابن ماجه سنن ابن ماجه ۾ ذڪر ڪيو آهي. **حَدَّثَنَا الْحَسَنُ بْنُ عَلِيٍّ الْخَلَّالُ ، حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ ، أَنْبَأَنَا ابْنُ أَبِي سَبْرَةَ ، عَنْ إِبْرَاهِيمَ بْنِ مُحَمَّدٍ ، عَنْ مُعَاوِيَةَ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ جَعْفَرٍ ، عَنْ أَبِيهِ ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ:" إِذَا كَانَتْ لَيْلَةُ النِّصْفِ مِنْ شَعْبَانَ، فَقُومُوا لَيْلَهَا، وَصُومُوا يَوْمَهَا، فَإِنَّ اللَّهَ يَنْزِلُ فِيهَا لِغُرُوبِ الشَّمْسِ إِلَى سَمَاءِ الدُّنْيَا، فَيَقُولُ:" أَلَا مِنْ مُسْتَغْفِرٍ لِي فَأَغْفِرَ لَهُ، أَلَا مُسْتَرْزِقٌ فَأَرْزُقَهُ، أَلَا مُبْتَلًى فَأُعَافِيَهُ"، أَلَا كَذَا أَلَا كَذَا حَتَّى يَطْلُعَ الْفَجْرُ.** ."(8) حضرت علي رضي الله کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو:" جڏهن شعبان جي پندرهين رات اچي ته اها رات جاڳي ڪري گذاريو ۽ ان ڏينهن روزو رکو. ڇاڪاڻ جو الله تعالى هن جي سج لهڻ مهل دنيا جي آسمان تي لهي ايندو آهي ۽ فرمائيندو آهي ته" ڪوئي آهي مون کان معافي گهرڻ وارو ته مان ان کي معاف ڪريان، ڪوئي آهي مون کان رزق گهرڻ وارو ته مان ان کي رزق عطا ڪيان، ڪوئي مصيبت ۾ گهريل آهي ته ان کي مان شفا ڏيان، ڪوئي اهڙو، ڪوئي اهڙو صبح ٿيڻ تائين." هن روايت تي گفتگو ڪرڻ کان پهريون هن روايت جي سَنَدَ تي گفتگو ڪندس ۽ هن جي روايت تي تحقيق پيش ڪندس ڇاڪاڻ ته حديث جي صحت ۽ ضعف جو دارومدار روايت جي راوين تي آهي جن هي روايت نقل ڪئي آهي. هن روايت جي سَنَدَ هن طرح آهي. حَدثَنَا الحَسَنُ بنُ عَلِي الخَلالُ: حَدثَنَا عَبدُالرزاق: اَنبَانَا ابن أبي سَبرَةَ عَن اِبراهِيمَ بن مُحمَدٍ، عَن مُعاوِيَة بنَ عَبدِاللهِ بنِ جَعفرٍعَن اَبيه، عَن عَلِي بنِ اَبي طَالِبِ. هن سَنَدَ جو ٽيون راوي ابن ابي سبرة جنهن جو نالو آهي ابوبڪر بن عبدالله بن محمد بن ابي سبرة، هن جي نسبت هن جي ڏاڏي ڏانهن ڪئي وڃي ٿي، ابن ابي سبرة هن جو ڏاڏو آهي ۽ هن راويءَ جو نالو ابوبڪر ٻڌ عبدالله جو.حافظ ابن حجر تقريب التهذيب ۾ لکي ٿو: امام احمد بن حنبل ۽ ابن معين چون ٿا ته

هي ابن ابي سبرة ڪوڙيون حديثون گهڙيندو هيو. (9)

هن سَنَدَ جو چوٿون راوي ابراهيم بن محمد بن ابي يحى الاسلمي متروڪ آهي. متروڪ ان راويءَ کي چئبو آهي جيڪو ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ مشهور هجي. هن قسم جون روايتون ضعيف ترين هونديون آهن جن جو راوي متروڪ هوندو آهي. حافظ صفي الدين الخزرجي خلاصة تذهيب ۾ امام احمد بن حنبل جو قول نقل ڪيو آهي: ڪان قدريا، معتزليا، جهميا ڪُل بلاءَ فيه. " هي قدري، معتزلي ۽ جهمي هيو هن ۾ هر مصيبت هئي، ماڻهن هن کان روايت ڪرڻ ڇڏي ڏنو، حديثون گهڙيندو هيو. القطان ۽ ابن معين هن کي ڪذاب سڏيو آهي." (10)

هنن ٻنهي راوين ابن ابي سبرة ۽ ابراهيم بن محمد جو ڪوڙو هجڻ ۽ روايتون گهڙڻ ثابت آهي، تنهن ڪري هيءَ روايت موضوع يعني گهڙيل آهي. ڪوڙي ۽ موضوع روايت تي عمل ناهي ڪبو. تنهن ڪري حضرت علي رضي اللهڪان نقل ڪيل روايت موضوع آهي، عمل جوڳي نه آهي. هي هڪ موضوع روايت ثابت آهي جنهن ۾ پندرنهن شعبان جي رات يعني شبِ برات ۾ الله تعالى جو دنيا جي آسمان تي لهي اچڻ جو ذڪر آهي. هي روايت صحيح ۽ صريح روايت جي مخالف آهي، جنهن ۾ الله تعالى روزانو هر رات جي پوئين پهر ۾ دنيا جي آسمان تي لهي اچڻ جو ذڪر آهي. امام بخاريرحمة الله ۽ امام مسلم رحمة الله حضرت ابو هريره رضي اللهڪان روايت آندي آهي ته :**عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ:" يَنْزِلُ رَبُّنَا تَبَارَكَ وَتَعَالَى كُلَّ لَيْلَةٍ إِلَى السَّمَاءِ الدُّنْيَا حِينَ يَبْقَى ثُلُثُ اللَّيْلِ الْآخِرُ , يَقُولُ: مَنْ يَدْعُونِي فَأَسْتَجِيبَ لَهُ مَنْ يَسْأَلْنِي فَأُعْطِيَهُ مَنْ يَسْتَغْفِرُنِي فَأَغْفِرَ لَهُ"**(11)

رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: الله تبارڪ وتعالى هر رات دنيا جي آسمان تي لهي ايندو آهي جڏهن رات جو آخري ٽيون پهر ٻچندو آهي. الله پاڪ فرمائيندو آهي:" آهي ڪو جيڪو مون کي سڏي ته مان ان کي ورندي ڏيان، آهي ڪو جيڪو مون کان گهري ته مان ان کي عطا ڪيان، آهي ڪو جيڪو مون کان مغفرت طلب ڪري ته مان ان کي بخشي ڇڏيان. " اهو اعلان الله تعالى روزانو رات جي پوئين پهر فرمائيندو آهي. حضرت علي‌رضي اللهجي روايت ۾ آهي ته الله تعالى شعبان جي پندرهين تاريخ سج لهڻ کان پوءِ دنيا جي آسمان تي لهي ايندو آهي جڏهن ته هن روايت جا به راوي ابن ابي سبرة ۽ ابراهيم بن محمد متروڪ ۽ حديثون گهڙيندا هئا. امام بخاري جي صحيح روايت جي مخالف آهي جنهن ۾ آهي ته الله تعالى روزانو رات جي پوئين پهر دنيا جي آسمان تي لهي ايندو آهي.

(2): شب برات متعلق ٻي روايت جيڪا حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت ڪئي وئي آهي، جنهن کي امام ابن ماجه سنن ابن ماجه ۾ ذڪر ڪيو آهي. حضرت عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي ته: **حَدَّثَنَا عَبْدَةُ بْنُ عَبْدِ اللَّهِ الْخُزَاعِيُّ ، وَمُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ الْمَلِكِ أَبُو بَكْرٍ ، قَالَا: حَدَّثَنَا يَزِيدُ بْنُ هَارُونَ ، أَنْبَأَنَا حَجَّاجٌ ، عَنْ يَحْيَى بْنِ أَبِي كَثِيرٍ ، عَنْ عُرْوَةَ ، عَنْ عَائِشَةَ ، قَالَتْ: فَقَدْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَاتَ لَيْلَةٍ، فَخَرَجْتُ أَطْلُبُهُ، فَإِذَا هُوَ بِالْبَقِيعِ رَافِعٌ رَأْسَهُ إِلَى السَّمَاءِ، فَقَالَ:" يَا عَائِشَةُ، أَكُنْتِ تَخَافِينَ أَنْ يَحِيفَ اللَّهُ عَلَيْكِ وَرَسُولُهُ"، قَالَتْ: قَدْ قُلْتُ وَمَا بِي ذَلِكَ، وَلَكِنِّي ظَنَنْتُ أَنَّكَ أَتَيْتَ بَعْضَ نِسَائِكَ، فَقَالَ:" إِنَّ اللَّهَ تَعَالَى يَنْزِلُ لَيْلَةَ النِّصْفِ مِنْ شَعْبَانَ إِلَى السَّمَاءِ الدُّنْيَا، فَيَغْفِرُ لِأَكْثَرَ مِنْ عَدَدِ شَعَرِ غَنَمِ كَلْبٍ".**(12) هڪ رات مان رسول اللهﷺجن کي گهر ۾ نه ڏٺو ته پاڻ سگورن جي ڳولا ۾ نڪري ويس ته پاڻ سگورا ﷺ جن جنت البقيع ۾ ملي ويا. پنهنجو مٿو مبارڪ آسمان ڏانهن مٿي ڪري فرمايائون: اي عائشه چا توکي ڊپ آهي ته الله ۽ سندس رسول توسان ناانصافي ڪندا؟ مون چيو مان ائين نه ٿي سمجهان، پر مان گمان ڪيو ته توهان پنهنجي ڪنهن ٻي گهر واري ڏي ويا. پوءِ پاڻ سگورن فرمايو" بيشڪ الله تعالى پندرهين شعبان ۾ دنيا جي آسمان تي لهي ايندو آهي ۽ بنو ڪلب جي ٻڪرين جي وارن کان به وڌيڪ ماڻهن کي بخشي ڇڏيندو آهي." هيءَ ساڳي حديث جامع الترمذي ۾ امام ترمذي نقل ڪئي آهي. (13)

هن روايت تي گفتگو ڪرڻ کان پهريون هن روايت جي سَنَدَ تي گفتگو ڪندس. هن روايت جي سَنَدَ هن طرح آهي: حدثنا عبده بن عبد الله الخزاعي و محمد بن عبدالملك ابو بكر.قالا: حدثنا يزيد بن هارون: انبانا حجاج عن يحى بن ابي كثير، عن عروة عن عائشة. هن سَنَدَ جو پنجون راوي الحجاج بن ارطاة هي راوي ضعيف آهي. امام النسائي جو قول آهي ته ليس بالقوي. امام ابن معين جو قول آهي ته يدلس . مُدَلسُ ان راوي کي چئبو آهي جيڪو سَنَدَ جي عيب کي لڪائي. ۽ مدلس پنهنجي استاد کي حذف ڪري استاذ جي استاذ کان روايت ڪري. تدليس لاءِ ڪجهه عالمن جو قول آهي. التدليس اخوالكذب. يعني تدليس ڪوڙ جو ڀاءُ آهي. تدليس مڪروه سَنَدَ آهي. (14) حجاج بن ارطاة، يحيى بن ابي كثير كان ناهي ٻڌو. (15)

هن سَنَدَ جو ڇهون راوي يحى بن ابي كثير الطائي مدلس ۽ مرسل آهي. (16) مدلس جي وضاحت مٿي ڪئي وئي آهي. حافظ ابن حجر تقريب ۾ يحى بن ابي كثير الطائي کي مرسل لکيو آهي. مرسل ان کي چئبو آهي جيڪو سَنَدَ مان تابعي کان پوءِ واري راويءَ کي ڪيرائي ڇڏي. تابعي کان پوءِ راوي صحابي هوندو آهي. مرسل راوي صحابيءَ کي حذف ڪري رسول اللهﷺکان روايت بيان ڪري. مرسل اصل ۾ ضعيف ۽ مردود روايت هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته صحيح روايت جو هڪ شرط هن ۾ نه هوندو آهي يعني سَنَدَ متصل نه هوندي آهي. مرسل سَنَدَ مان صحابي کي حذف ڪري تابعي رسول الله ﷺکان روايت بيان ڪندو آهي ۽ سَنَدَ ڪَنديل ناهي هوندي. تنهن ڪري مرسل روايت کي ضعيف ۽ مردود روايت سڏيو ويندو آهي.(17.) هي روايت قابل حجت نه آهي، حجاج بن ابي ارطاة يحى بن ابي كثير كان روايت ناهي ٻڌي ۽ يحى بن ابي كثيرحضرت عروه بن زبير كان ناهي ٻڌي. حضرت عروة بن زبير

صحابي آهي تنهن ڪري هيءَ روايت ضعيف ۽ مردود روايت آهي.

(3): شب برات متعلق ٽئين روايت جيڪا حضرت ابوموسى اشعري رضي اللهڪان روايت ڪئي وئي آهي. جنهن کي به امام ابن ماجه سنن ابن ماجه ۾ ذڪر ڪيو آهي.حضرت ابو موسى اشعري کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو:"**حَدَّثَنَا رَاشِدُ بْنُ سَعِيدِ بْنِ رَاشِدٍ الرَّمْلِيُّ ، حَدَّثَنَا الْوَلِيدُ ، عَنْ ابْنِ لَهِيعَةَ ، عَنْ الضَّحَّاكِ بْنِ أَيْمن، عَنْ الضَّحَّاكِ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ عَرْزَبٍ ، عَنْ أَبِي مُوسَى الْأَشْعَرِيِّ ، عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ:" إِنَّ اللَّهَ لَيَطَّلِعُ فِي لَيْلَةِ النِّصْفِ مِنْ شَعْبَانَ، فَيَغْفِرُ لِجَمِيعِ خَلْقِهِ إِلَّا لِمُشْرِكٍ أَوْ مُشَاحِنٍ".**(18) بيشڪ الله تعالى پندرهين شعبان جي رات پنهنجي مخلوق تي نظر وجهندو آهي ۽ سڀني کي بخشي ڇڏيندو آهي، سواءِ مشرڪ ۽ دشمني رکڻ واري جي. "هن روايت جي سَنَدَ هن طرح آهي. **حَدَّثَنَا رَاشِدُ بْنُ سَعِيدِ بْنِ رَاشِدٍ الرَّمْلِيُّ، حَدَّثَنَا الْوَلِيدُ، عَنْ ابْنِ لَهِيعَةَ، عَنْ الضَّحَّاكِ بْنِ أَيْمَنَ، عَنْ الضَّحَّاكِ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ عَرْزَبٍ، عَنْ أَبِي مُوسَى الْأَشْعَرِيِّ.** هن سَنَدَ جو ٽيون راوي ابن لهيعةُ عبدالله بن لهيعةُ ضعيف راوي آهي. يحى بن معين هن کي ليس بالقوي سڏيو آهي. علي بن المديني امام بخاري جو استاذ آهي تنهن جو قول آهي : اذا اجتمع يحى بن سعيد وعبدالرحمن بن مهدي عَلى ترکِ رجل لم احدث عنه. جيڪڏهن يحى بن سعيد ۽ عبدالرحمن بن مهدي ڪنهن کان روايت وٺڻ ڇڏي ڏني ته مان به ان کان روايت ناهي ورتي. (19) امام مسلمرحمة الله چوي ٿو ته: امام وڪيع، يحى بن سعيد ۽ عبدالرحمٰن بن مهدي هن کان روايت وٺڻ ڇڏي ڏني. (20)

هن سَنَدَ جو پيو راوي الوليد بن مريم مدلس راوي آهي. حافظ زبير علي زئي هن کي مدلس راوي لکيو آهي. هن سَنَدَ جو چوٿون راوي الضحاڪ بن ايمن. حافظ ابن حجر هن کي مجهول قرار ڏنو آهي. (21). هن روايت ۾ ٽئي راوي ضعيف آهن. (1) الوليد بن مريم(2) عبدالله بن لهيعة(3) الضحاڪ بن ايمن. تنهن ڪري هيءَ روايت به قابل حجت نه آهي. ان ڪري شبِ برات جي جيڪا اهميت ۽ فضيلت بيان ڪئي ويندي آهي.اها اهميت ۽ فضيلت واري رات نه آهي، چاڪاڻ جو هن رات جي اهميت ۽ فضيلت ڪنهن به صحيح سَنَدَ واري روايت مان ثابت نه آهي. تنهن ڪري هن رات ۾ جيڪي به نيڪي ۽ ثواب خاطر عمل ڪيا ويندا آهن. مثلا هن رات ۾ قبرستان وڃڻ، رات جو جاڳڻ ۽ تهجد وغيره پڙهڻ ۽ روزو رکڻ اهي سڀ ڪم سنت رسول مان ثابت نه آهن. ۽ نه ئي اصحابي سڳورن اهڙا عمل ڪيا. تنهن ڪري هن رات ۾ اهڙن ڪمن کان بچڻ گهرجي ڇو جو الله تعالى جو حڪم آهي ته :وَمَآ اٰتَاكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ وَمَا نَهَاكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ. (22)"جيڪي ڪجهه رسولﷺتوهان کي ڏي ان کي وٺو ۽ جنهن کان رسول اوهان کي روڪي ان کان رڪجي وجو ۽ الله کان ڊجو، بيشڪ الله تعالى سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. "

حوالاجات

1-المائده5- آيت 03

2-بخاري ابوعبدالله محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري،دارالسلام –الرياض. 1999ع حديث نمبر 2697 ص440

3-الحشر59 آيت7

4- الدخان44 آيت 4،3

5- القدر97 آيت 01

6- بخاري ابوعبدالله محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري، دارالسلام ، الرياض-1999ع حديث 1969.ص 316،317

7- السجستاني، ابودائود سليمان بن اشعث، سنن ابي دائود، دارالسلام، الرياض. 2009ع حديث 2434. ص 493

8- قزويني، ابوعبدالله محمد بن يزيد ابن ماجه، سنن ابن ماجة دارالسلام الرياض. 2009ع حديث 1388 ص 493.

9- العسقلاني- شهاب الدين احمد بن علي بن حجر، تقريب التهذيب، موسة الرسالة 2002، نمبر7973-ص 550

10- الخزرجي، حافظ صفي الدين احمد بن عبدالله، خلاصة تذهيب تهذيب المكمال في اسماءَ الرجال دارالكتب العلمية بيروت، 2001ع نمبر 274- ص 57.

11- بخاري، ابوعبدالله، محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري، دارالسلام، الرياض1999ع حديث 1145، ص 183

12- قزويني، ابوعبدالله محمد بن يزيد ابن ماجة، سنن ابن ماجة، دارالسلام الرياض، 2009ع حديث 1389، ص 245

13- الترمذي- ابوعيسى محمد بن عيسى، جامع الترمذي، دارالسلام، الرياض2009، ص 246.

14- الطحان، محمود، داکٹر، تيسير مصطلح الحديث، مکتبة البشرى، کراچي، 2010، ص 69.

15- خزرجي، حافظ صفي الدين، احمد بن عبدالله، خلاصة تذهيب تهذيب، الکمال دارالکتب العلمية بيروت، 2001ع، نمبر 1232، ص 216،217

16- عسقلاني، شهاب الدين احمد بن علي بن حجر تقريب التهذيب، موسة الرسالة2002ع نمبر 7632، ص 525.

17- طحان، محمود ، داکٹر، تيسير مصطلح، الحديث مکتبة البشري کراچي، 2010، ص 60.

18- قزويني ابوعبدالله محمد بن يزيد ابن ماجه، سنن ابن ماجه، دارالسلام الرياض 2009، حديث نمبر 1390 ص 245.

19- غوري عبدالماجد، سيد، المدخل الي دراسة علم الجرح والتعديل، دار ابن کثير. بيروت 2007، ص311،310.

20- خزرجي حافظ ضي الدين، احمد بن عبدالله خلاصة تذهيب تهذيب الکمال، دارالکتب العلمية، بيروت2001، نمبر 3760، ص 109.

21 – عسقلاني شهاب الدين احمد بن علي بن حجر تقريب التهذيب، موسة الرسالة 2002ع، نمبر 2965، ص 220

22- الحشر59، آيت07